SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1975

SINDH ACT NO.VIII OF 1975

سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، وظيفا ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1975

THE SINDH MINSTERS' (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. آفيس سنڀالڻ ۽ آفيس ڇڏڻ تي وظيفو

Allowances on taking up and laying down office

4. چارج رپورٽ

Charge Report

5. پگهار

Salary

6. مصارفي خرچ

Sumptuary Allowance

7. سرڪاري رهائشگاهه

Official Residence

8. سواري

Transport

9. پاڪستان ۾ سفر جو وظيفو

Travelling allowance for touring in Pakistan

10. قيام دوران روزانو وظيفو

Daily allowances during halt

11. هوائي حادثي جي صورت ۾ معاوضو

Compensation in case of Air Accident

12. ٻاهرين ملڪ سفر جو معاوضو

Travelling allowance for tour abroad

13. اصل خرچ جي ادائگي

Payment of actual expenditure

14. کنټرولنګ آفیسر

Controlling Officer

15. طبي سهولتون

Medical Facilities

16. موکل

Leave

17. ذاتي عملو

Personal Staff

18. پرووېډنټ فنډ

Provident Fund

19. عام

General

20. منسوخي

Repealed

سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 1975

SINDH ACT NO.VIII OF 1975

سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، وظيفا ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1975

THE SINDH MINSTERS' (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1975

[08 اپريل 1975]

وزيراعليٰ سميت سنڌ جي وزيرن لاءِ (پگهارن، وظيفن ۽ سهولتن) مهيا ڪرڻ جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ آرٽيڪل 250 آئين اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي شق (1) جي مطابق آئين جي لاڳو ٿيڻ بعد ٻن سالن اندر قانون جي مطابق وزيراعليٰ ۽ وزير جي لاءِ (پگهار، وظيفو ۽ مراعات) جو قانون جاري ڪيو ويندو.

ان لاءِ هيٺين ريت قانونسازي ڪئي وڃي ٿي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، وظيفا ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1975 چيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ العمل هوندو.

commencement

وصفون

Definitions

2. هن قانون ۾ جيستائين ڪا شيءِ مضمون ۾ مفهوم جي خلاف نہ هجي:

(a) "آئين" جي معنيٰ آئين اسلامي جمهوريہ پاڪستان،

(b) "خاندان" جي معنيٰ گهر واري ۽ ويڳا ٻار جيڪي گڏ رهندا هجن ۽ وزيرن جي ڪفالت ۾ هجن.

(c) "سرڪار" جي معنيٰ سنڌ سرڪار

(d) "رهائشگاهہ جي سنڀال" جي معنيٰ بشمول مقامي نرخن تي ٽيڪس ۽ بجلي ۽ پاڻي جي ادائگي

(e) "وزيراعليٰ" جي معنيٰ وزيراعليٰ سنڌ

(f) "وزير" جي معنيٰ آئين جي آرٽيڪل 132 تحت مقرر ڪيل وزير

(g) "سرڪاري رهائشگاهہ" جي معنيٰ وقت بہ وقت وزيراعليٰ ۽ وزي جي استعمال جي لاءِ مخصوص ڪيل جڳهہ جيئن صورتحال هجي، بشمول عملي ڪوارٽر ۽ ٻي جڳهہ ۽ باغ سان گڏ.

آفيس سنڀالڻ ۽ آفيس ڇڏڻ تي وظيفو

Allowances on taking up and lying down office

3. وزيراعليٰ ۽ وزير جيئن صورتحال هجي، سفر جي لاءِ پنهنجي عام جڳهہ کان سرڪاري جڳهہ تي آفيس اچڻ لاءِ ۽ سرڪاري جڳهہ کان پنهنجي رهائش گاهہ تي آفيس ڇڏڻ لاءِ هيٺين طريقي جو حقدار هوندو:

(a) اصل سفر جو خرچ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ

(b) ٻہ عدد ذاتي ملازم انهن کان وڌيڪ نہ، ريل گاڏي جي هيٺين درجي جي سفر لاءِ خرچ

(c) گهريلو سامان جي نقل و حرڪت جي لاءِ جيڪو هڪ سئو ويهه مڻ کان وڌيڪ نه هجي، سفري خرچ جيڪو بذريعه مال بردار گاڏي يا ٻين ڪرافٽ (هوائي جهاز کانسواءِ) ۽ ذاتي ڪار، جيڪڏهن هجي، بشرطيڪ اهو ته سفر آفيس سنڀالڻ آفيس ڇڏڻ جي تاريخ جي ڇهه مهينن جي عرصي اندر هجي ۽ ان کانپوءِ، جيئن صورتحال هجي.

چارج رپورٽ

Charge Report

4. وزيراعليٰ يا وزير جيڪا صورتحال هجي، پنهنجو عهدو حاصل ڪرڻ يا ڇڏڻ تي چارج رپورٽ صحيح ڪرڻ لاءِ پابند نه هوندو.

پگهار

Salary

5. وزيراعليٰ ۽ وزير جي ترتيبوار پگهار 3 هزار ۽ 2 هزار پنج سئو رپيا ماهوار هوندي.

مصارفي خرچ

Sumptuary Allowance

6. وزيراعليٰ ۽ وزير مصارفي خرچ جو وظيفو ترتيبوار 2 هزار رپيا ۽ هڪ هزار رپيا درجه وار ماهوار وصول ڪندو.

سرڪاري رهائشگاهه

Official Residence

7. (1) سرڪاري رهائشگاهه ۾، سرڪاري خرچ تي 30 هزار رپين جي اندر رهائشي ۽ آرائشي سامان وٺي سگهبو.

وضاحت: سرڪاري رهائش جي آرائش بشمول قالين، هڪ عدد فرج ۽ 2 عدد ايئر ڪنڊيشن ڪمرن تي مشتمل هوندي.

(2) وزيراعليٰ يا وزير جيئن هجي، جيستائين سرڪاري

رهائشگاهہ مهيا نہ ٿي ڪئي وڃي ۽ هو پنهنجي جاءِ ۾ رهي ٿو تہ ان جاءِ جي آرائش لاءِ هن کي وڌ ۾ وڌ ٽي هزار رپيا در ماهہ ڏنا ويندا.

(3) جتي وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، پنهنجي ذاتي رهائشگاهہ ۾ رهائش جي چونڊ ڪري ٿو تہ، هن کي 2 هزار رپيا ماهوار رهائش جي حوالي سان ادا ڪيا ويندا.

(4) وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، آفيس ڇڏڻ جي 15 ڏينهن تائين سرڪاري رهائشگاهہ رکي سگهندا.

سواري

Transport

8. وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، سرڪاري خرچ تي هڪ ڪار رکڻ جا مستحق هوندا.

پاڪستان ۾ سفر جو وظيفو

Travelling allowance for touring in Pakistan

9. (1) هن ڪانپوءِ پيدا ڪيل گنجائشن موجب، وزيراعليٰ يا وزير، جيئن صورتحال هجي، سرڪاري ڊيوٽي تي مسافري دوران ان سان پهرين گريڊ جي سرڪاري ملازم طور ورتاءُ ڪيو ويندو.

(2) وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، ڊيوٽي دوران هوائي سفر جي صورت ۾ ڪيس هينيون سهولتون ڏنيون ويندیون:

(a) اڪانامي ڪلاس جو هڪ سنگل هوائي ٽڪيٽ؛

(b) هڪ هزار پائونڊ تائين ذاتي سامان کڻڻ جي قيمت، ايئر ڪمپني پاران ڏني ويندڙ مفت الائونس کان علاوه؛

(c) وقتي طور رائج قانونن ۽ قائدن موجب درخواست ذريعي، حڪومتي خرچ تي، جيڪڏهن عوامي مفاد ۾ سمجهي، پاڪستان ايئرفورس جو جهاز يا حڪومت جو هڪ جهاز دستياب هجي ، اهو گهرڻ.

(d) ڪمرشل جهاز يا درخواست تي فراهم ڪيل جهاز ۾ پنهنجي گهرواري کي گڏ ڪٽي سگهي ٿو بشرطيڪ ڪو به غير سرڪاري ماڻهو بچاءَ واري وزارت کان اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ ايئرفورس جي جهاز ۾ سفر نه ڪري سگهندو.

(e) ٻن ملازمن کان وڌيڪ نه هجن، انهن لاءِ ريل يا اسٽيمر جي هيٺين درجي ۾ سفر جي قيمت.

(f) ريل يا اسٽيمر ذريعي ٿي مڻ ذاتي سامان ڪٽڻ جي قيمت

(g) سندس هوائي سفر لاءِ انشورنس طور خرچ فراهم ڪيو ويندو جيڪو هڪ لک رپين کان وڌيڪ نه هوندو.

نوٽ: جتي مناسب هجي، واپسي جون ايئر ٽڪيٽون خريد ڪرڻيون پونديون.

(3) وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، ڊيوٽي دوران ريل تي سفر ڪندا ته ڪين هيٺيون سهولتون فراهم ڪيون ويندیون:

(a) سرڪاري خرچ تي طلب ڪرڻ:

(i) هڪ عام فرسٽ ڪم سيڪنڊ ڪلاس ڪيريج يا هڪ 'اي' ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار يا جيڪڏهن 'اي'

ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار دستياب نہ آهي تہ، هڪ ’بي‘ ڪلاس ٽوئرسٽ ڪار؛

(ii) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل گاڏيون دستياب نہ آهن يا انهن جي گهر نہ ٿي ڪئي وڃي، تہ پوءِ هڪ عام رواجي چار برٿ وارو فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ يا ٻن برٿ وارو ايئر ڪنڊيشنڊ (ڪوپ) فراهم ڪيو ويندو؛

(b) پنهنجي خاندان جا ڀاتي بنا ڀاڙي جي پاڻ سان گڏ مخصوص ٽيل گاڏي ۾ ڪٽي سگهي ٿو پر انهن جو انگ پنج کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي.

(c) هيٺين درجي ۾ ذاتي ملازم ڪٽي سگهي ٿو پر انهن جو تعداد ٻن کان مٿي نہ هجي.

(d) جڏهن ڪنهن ريلوي ڪمپارٽمينٽ ۾ سفر ڪري رهيو هجي تہ ٿي مڻ تائين ذاتي سامان ڪٽي سگهندو يا درخواست ڪيل ريلوي سيلون ۾ سفر لاءِ ڇهہ مڻ تائين ڪٽي سگهي ٿو.

نوٽ: وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، مٿي ڄاڻايل طريقي موجب ريزرو ڪرايل اڪوموڊيشن تحت، سفر شروع ڪرڻ کان اڳ سٽيشن جي اسٽيشن ماسٽر کان حاصل ڪيل ريزروڊ اڪوموڊيشن فارم تي گڏ سفر ڪندڙن جو انگ ۽ انهن جي ٽڪيٽن جا تفصيل فراهم ڪندو، جتان ڪيس سفر جي شروعات ڪرڻي آهي.

(4) وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، ڊيوٽي دوران

استيمر يا لانچ ذريعي سفر دوران ڪيس هيٺيون سهولتون فراهم ڪيون ويندیون:

(a) سندس لاءِ اصل ٽڪيٽ جو پاڙو

(b) پاڻ سان گڏ هيٺين درجي ۾ ذاتي ملازم ڪٽي سگهندو جن جو تعداد ٻن کان وڌيڪ نہ هوندو.

(c) ٽي مڻ تائين ذاتي سامان ڪٽي سگهندو.

(5) وزيراعليٰ يا وزير، جيئن صورتحال هجي، ڊيوٽي دوران روڊ رستي انهن جڳهن وچ ۾ مسافري ڪرڻ تي، جيڪي ريلوي ذريعي ڳنڍيل نہ هجن، يا جيڪڏهن ڳنڍيل هجن تہ هو هن دفعہ جي ڏنل مراعتن موجب ريل ذريعي مسافري لاءِ پاڻ اهڙي چونڊ ڪري ٿو، مسافري هڪ اهڙي گاڏي ذريعي ڪري، جيڪا سرڪار جي هٿ هيٺ يا سرڪار جي ملڪيت نہ هجي تہ:

(a) مسافري جو الائونس پنجهتر پئسا في ميل جي حساب سان پنهنجي لاءِ؛ ۽

(b) حقيقي خرچ سواري جا:

(i) ٻہ نجي ملازم؛ ۽

(ii) سندس سمورو ذاتي سامان، بشمول سفر دوران ڪنيل ضروري شين جي.

10. (1) وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، ڊيوٽي قيام دوران روزانو

وظيفو

Daily allowances during halt

دوران مسافري تي، ڪيس قيام دوران هڪ سئو رپيا روزانو الائونس طور فراهم ڪيو ويندو.

بشرطيڪ روزاني الائونس جو اڌ پهچڻ واري ڏينهن تي، وڃڻ واري ڏينهن تي ۽ ٻنهي پهچڻ ۽ وڃڻ واري ڏينهن تي فراهم ڪيو ويندو.

(2) ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ قيام لاءِ، روزانو الائونس پهرين ڏهن ڏينهن دوران مڪمل ريٽ تي فراهم ڪيو ويندو، پين ويهن ڏينهن لاءِ مڪمل ريٽ جو 3/4 حصو فراهم ڪيو ويندو يا ان جو حصو ۽ باقي رهيل عرصي لاءِ مڪمل ريٽ جو اڌ حصو فراهم ڪيو ويندو.

بشرطيڪ قيام ستن راتين جي غير حاضري سان متاثر نه ٿئي، جيڪو قيام واري جاءِ کان 5 ميلن جي مفاصلي تي هجي.

هوائي حادثي جي صورت ۾ معاوضو

Compensation in case of Air Accident

11. (1) وزيراعليٰ يا وزير، جيئن صورتحال هجي، ڊيوٽي دوران هوائي سفر ڪري رهيا هجن، ان دوران هوائي حادثي جي نتيجي ۾ فوت ٿي وڃي يا زخمي ٿئي ته، حڪومت ذيلي دفعه (2) تحت شخص يا شخصيتن کي هڪ لک پنجويهه هزار رپيا فوتگي جي صورت ۾ فراهم ڪندي، ۽ اهو معاضو جيڪو حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هوندو، ان سان گڏ زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ انشورنس ڪمپنين پاران اهڙي صورت ۾ طئي ڪيل رعايتن موجب معاوضو ڏنو ويندو.

(2) زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ وزيراعليٰ يا وزير کي معاوضو فراهم ڪيو ويندو، جيئن به صورتحال هجي ۽ فوتگي جي صورت ۾، اهڙي رڪن يا رڪنن جي ڪٽنب، يا جيڪڏهن اهڙو ڪو رڪن ناهي، ڪو ٻيو شخص يا شخصيتون ناهن، جيڪي سندس طرفان نامزد ڪيون ويون هجن، ۽ سندس وارثن جي اهڙي غير موجودگي جي صورت ۾.

(3) چيف منسٽر يا منسٽر جي دستخط سان ذيلي دفعه (2) تحت نامزدگي ڪيل کي واقعي بابت آگاهه ڪيو ويندو يا لکت ۾ نوٽيس ڏنو ويندو، جيئن صورتحال هجي، ۽ اهو ڪيس اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ڏانهن اماڻيو ويندو.

ٻاهرين ملڪ سفر جو معاوضو

Travelling allowance for tour abroad

12. وزيراعليٰ يا وزير کي، جيئن صورتحال هجي، پاڪستان کان ٻاهر ڏيوتي تي مسافري دوران اهڙيون سهولتون ڏنيون ويندیون جيئن حڪومت طرفان واضح ڪيون ويون هجن.

اصل خرچ جي ادائگي

Payment of actual expenditure

13. وزيراعليٰ هن ايڪٽ جي ڪجهه متضاد نه هجي ته، اهو خرچ سان ڏنو ويندو، جيڪو سرڪاري سفر دوران هو ڪندو جيئن هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

14. وزيراعليٰ يا وزير، جيئن صورتحال هجي، هن ايڪٽ تحت ملندڙ مسافري جي الائنس جي مقصد لاءِ ڪنٽرولنگ آفيسر هوندا.	ڪنٽرولنگ آفيسر Controlling Officer
15. وزيراعليٰ يا وزير، جيئن صورتحال هجي، انهن کي اسپيشل ميڊيڪل اٽينڊنس رولس، 1950 تحت طبي سهولتون فراهم ڪيون ويونديون: بشرطيڪ هن ۽ سندس ڪٽنب کي طبي سهولتون انهن جي رهائشگاهه تي ڏيڻ جو حقدار هجي	طبي سهولتون Medical Facilities
16. غير حاضري جي موڪل وزيراعليٰ کي گورنر طرفان ۽ وزير کي وزيراعليٰ طرفان، هڪ وقت يا وقت بوقت ڏني ويندي، صحت جي سلسلي يا نجي معاملن جي صورت ۾، هڪ عرصي لاءِ جيڪو سندس آفيس جي مدي دوران ٽن مهينن کان وڌيڪ نه هجي.	موڪل Leave
17. وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، سواءِ ان جي ته اهي موڪل تي هجن، انهن کي اهڙو ذاتي عملو وقت بوقت حڪومت طرفان فراهم ڪيو ويندو.	ذاتي ملازم Personal Staff
18. وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، جنرو پرووِيڊنٽ ڀرڻ جو فيصلو ڪري ٿو ته ڀوءِ هي فنڊ لازمي ڪٽرائيندو، جيڪو وقتي طور تي لاڳو جنرل پرووِيڊنٽ فنڊ رولز موجب هوندو.	پرووِيڊنٽ فنڊ Provident Fund
19. (1) سرڪاري رهائشگاهه، سواري ۽ فرنيچر جيڪو وزيراعليٰ يا وزير کي فراهم ڪيو ويندو، جيئن صورتحال	عام

هجي، ساڳي سنڀال سان استعمال ڪيو ويندو جيئن ماڻهو پنهنجي ذاتي ملڪيت جي سنڀال ڪندو آهي.

(2) سرڪاري رهائش ۾ فراهم ڪيو سموري فرنيچر ۽ سامان تي سڃاڻپ جي لاءِ نشان لڳايو ويندو.

(3) وزيراعليٰ يا وزير پاران سرڪاري رهائش اختيار ڪرڻ جي صورت ۾، جيئن صورتحال هجي، ان علائقي ۾ سرڪاري عمارتن جي انچارج طرفان سرڪاري رهائش ۾ موجود فرنيچر ۽ سمورو سامان ان سلسلي ۾ صحيح ڪيل فهرست سان سندس يا سندس طرفان لکت ۾ بااختيار بڻايل شخص جي حوالي ڪندو.

(4) جڏهن وزيراعليٰ يا وزير جيئن صورتحال هجي، سرڪاري رهائش خالي ڪرڻ وارو آهي تہ، هي ان علائقي ۾ سرڪاري عمارتن لاءِ انچارج آفيسر کي آگاهہ ڪندو ۽ اهڙي رهائش جو فرنيچر ۽ ٻيو سامان ان سلسلي ۾ جوڙيل فهرست موجب جيڪا وزيرراعليٰ يا وزير طرفان صحيح ڪئي وئي هئي، جيئن صورتحال هجي، ان جي حوالي ڪندو.

(5) سرڪاري عمارتن جو انچارج آفيسر، وقت بوقت وزيراعليٰ يا وزير جي اڳواٽ اجازت سان، جيئن صورتحال هجي، سندس سرڪاري رهائشگاهہ ۽ فرنيچر ۽ ان ۾ موجود سامان جي جاچ پڙتال ڪندو رهندو.

General

20. سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون)

منسوخي

ايڪٽ، 1972 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	Repealed

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.